SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريه 1972

# SINDH ACT NO.XXII OF 1972

# اولهه پاڪستان پرائمري تعليم ۽ لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولز (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972

# THE WEST PAKISTAN PRIMARY EDUCATION AND LOCAL COUNCILS HIGH SCHOOLS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXIX جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XXIX of 1962

3. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XV جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XV of 1962

4. گذريل تاريخن کان نوٽيفڪيشنز جاري ڪرڻ جو اختيار

Power to Issue Notifications Retrospectively

5. 1972 جي سنڌ آرڊيننس XIX جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance XIX of 1972

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريه 1972

# SINDH ACT NO.XXII OF 1972

# اولهه پاڪستان پرائمري تعليم ۽ لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولز (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972

# THE WEST PAKISTAN PRIMARY EDUCATION AND LOCAL COUNCILS HIGH SCHOOLS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

ايڪٽ، جنهن ذريعي ويسٽ پاڪستان پرائمري ايجوڪيشن آرڊيننس، 1962 ۽ ويسٽ پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولز (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم آندي ويندي ته جيئن ان کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪري سگهجي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ضروري ٿي پيو آهي ته ويسٽ پاڪستان پرائمري ايجوڪيشن آرڊيننس، 1962 ۽ ويسٽ پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولز (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم آندي وڃي، جيئن ان کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪري

سگهجي.

جنهن کي هن ريت جوڙيو پيو وڃي.

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن ايڪٽ کي اولهه پاڪستان پرائمري تعليم ۽ لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولز (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972 سڏيو ويندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short Title and commencement |
| (2) اهو سمجهيو ويندو ته هي ايڪٽ پهرين آڪٽوبر 1972 کان لاڳو ٿيو آهي. | |
| 2. ويسٽ پاڪستان پرائمري ايجوڪيشن آرڊيننس، 1962 (ويسٽ پاڪستان آرڊيننس XXIX مجريه 1962) جي دفعه 2 جي شق (g) ۾ آيل لفظن "جنهن ۾ ميونسپالٽي يا ميونسپل ڪارپوريشن شامل آهن" سيمي ڪولن کان اڳ آخر ۾ شامل ڪيا ويندا. | 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXIX جي دفعه 2 جي ترميم<br>Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XXIX of 1962 |
| 3. ويسٽ پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولز (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970 (ويسٽ پاڪستان آرڊيننس XV مجريه 1970) جي دفعه 2 جي شق (g) ۾ آيل لفظن "جنهن ۾ ميونسپالٽي يا ميونسپل ڪارپوريشن شامل آهن" سيمي ڪولن کان اڳ آخر ۾ شامل ڪيا ويندا. | 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XV جي دفعه 2 جي ترميم<br>Amendment of |

Section 2 of West Pakistan Ordinance XV of 1962

گذريل تاريخن کان نوٽيفڪيشنز جاري ڪرڻ جو اختيار

Power to Issue Notifications Retrospectively

4. ڪو به نوٽيفڪيشن جنهن ذريعي ويسٽ پاڪستان پرائمري ايجوڪيشن آرڊيننس 1962 (ويسٽ پاڪستان آرڊيننس XXIX مجريه 1962) يا ويسٽ پاڪستان لوڪل ڪائونسلز اسڪولز (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970 (ويسٽ پاڪستان آرڊيننس XV مجريه 1970) ميونسپالٽي يا ميونسپل ڪارپوريشن تي لاڳو ڪرڻ لاءِ هوندو ته اهو پهرين آڪٽوبر 1972 کان اڳ لاڳو نه ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس XIX جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance XIX of 1972

5. ويسٽ پاڪستان پرائمري ايجوڪيشن اينڊ لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولز (سنڌ اميندمينٽ) آرڊيننس، 1972 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**